## سيل ٿيل عمارتن جي تفتيش

# ’شهري‘ جو موقف

قاضي فائز عيسيٰ سيل ٿيل عمارتن جي بحران متعلق مسئلن ۽ موجوده صورتحال جي خاتمي جي باري ۾ ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جي هٿوڪين ڪوششن جي يقين لائق هئڻ جي باري ۾ تفصيلي طور خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

عظيم تر ڪراچي شهر جي شهرين جي پٺيءَ ۾ هڪ ٻيرو وري خنجر ٿنبيو ويو آهي، جنهن جي رپورٽ ’شهري‘ بهتر ماحول لاءِ ڪي پنهنجن ذريعن کان ملي آهي. جيڪا ’آباد‘ جي ميمبرن جي سيل ٿيل پراجيڪٽن جي باري ۾ تحقيقات جي لاءِ قائم ٿيل ڪميٽيءَ مرتب ڪئي آهي. (جڏهن ته ان رپورٽ جي نقل ڪاپي ’شهري‘ کي ڏيڻ لاءِ درخواست ڪئي وئي ته ڪمشنر ڪراچي يا ڊائريڪٽر جنرل ڪي ڊي اي جي طرفان ان جو ڪوبه جواب نه ڏنو ويو) ان ڪميٽيءَ جي تشڪيل، ان جو طريقهءِ ڪار ۽ ان جون سفارشون اعتراض جوڳيون آهن.

## تشڪيل/ جوڙجڪ

هيءَ ڪميٽي ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽيءَ جي ٻن ملازمن تي ٻڌل آهي. اٿارٽي اڏاوتي قانونن تي عمل ڪرائڻ جي لاءِ ذميوار آهي، پر اها پنهنجين قانوني ذميوارين پورين ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي. جنهن جو سبب غفلت، لاپرواهي يا شعوري طور تي نٿاڻ يا ٻئي ڳالهيون آهن. ڪميٽي جا باقي ميمبر ايسوسي ايشن آف بلڊرز اينڊ ڊيولپرز جا ميمبر آهن. ايسوسيئيشن جي ميمبرن خلاف تحقيقات ٿي رهي آهي، ان ڪري ظاهر آهي ته اهي ڪميٽيءَ جي ڪارروائيءَ تي اثرانداز ٿيندا. جيڪڏهن ڪميٽيءَ ۾ ايسوسي ايشن جو هڪ نمائندو شامل هجي ها ته اعتراض نه ٿئي ها، پر وڏي تعداد ۾ ’آباد‘ جي ميمبرن جي ڪاميٽيءَ ۾ شموليت سان ڪميٽيءَ مان انصاف جي توقع رکڻ اجائي آهي. اهڙي ڪميٽيءَ جي تشڪيل مان ئي اعتماد ختم ٿي چڪو آهي ۽ هر شهري ان سلسلي ۾ سوال ڪرڻ ۾ حق بجانب آهي ته:

* ڪميٽيءَ ۾ معاملن جي ڄاڻ رکندڙ شهرين کي ڇو نه شامل ڪيو ويو؟
* غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن کي ميمبر جي حيثيت ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت ڇو نه ڏني وئي؟
* ڪميٽي صرف دلچسپي رکندڙ پارٽين تي ٻڌل هئڻ ڪري، ان جي رپورٽ يا سفارش اعتبار جي لائق نه رهي آهي.

## ڪميٽيءَ جو طريقهءِ ڪار

ڪميٽيءَ انتهائي ڳجهي نموني ڪم ڪيو، دلچسپي رکندڙ پارٽين يا لاڳاپيل شهرين کي پنهنجي راءِ ڏيڻ لاءِ ڪوبه پبلڪ نوٽيس نه ڏنو ويو. نه ئي خودمختيار ماهرن، پيشه ور تنظيمن يا ماحولياتي غيرسرڪاري تنظيمن کي پنهنجي ماهراڻي راءِ ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي. رپورٽ ۾ جنهن اڪيلي راءِ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اها ’آباد‘ جي هئي. (ڪميٽيءَ جا پنجن مان ٽي ميمبر ’آباد‘ جا ميمبر آهن). رپورٽ ۾ ان ڳالهه جو ڪوبه ذڪر نه آهي ته، ڪميٽيءَ جا اجلاس ڪڏهن، ڪيترا دفعا ۽ ڪٿي ٿيا. ذڪر ڪيل رپورٽ ۾ ان ڳالهه جو به ذڪر نه آهي ته ان سلسلي ۾ ڪنهن اڳوڻي رپورٽ تي به غور ڪيو ويو، قانونن جو جائزو ورتو ويو يا ماهرن کان مشورو ورتو ويو.

## ڪميٽيءَ جون سفارشون

ڪميٽيءَ معاملن جو باقاعده ۽ مناسب طور تي تجزيو ڪرڻ کان سواءِ پنهنجو هي فيصلو صادر ڪيو ته:

”خلاف ورزي جي انهن معاملن کي هڪ اهڙو ڪم سمجهيو وڃي، جيڪو پهريائين ئي ٿي چڪو آهي ۽ ان سلسلي ۾ بهترين رستو اهو آهي ته ڪي ڊي اي جي گورننگ باڊي پنهنجي قرارداد نمبر 1993/879ع ۾ جيڪي اضافي فيون ۽ ٻيون رهتون مقرر ڪيون آهن، انهن جي ادائگي کان پوءِ انهن معاملن کي قاعدن جي مطابق قرار ڏنو وڃي.“

”جيڪڏهن انهن علائقن کي باقاعده ڪرڻ جي تجويز منظور ڪئي وڃي ته ان جي لاءِ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول آرڊيننس جي شق 19 (1-الف) ۾ ضروري ترميم ڪرڻ جي ضرورت پوندي.“

جيڪڏهن ذڪر ڪيل ڪميٽيءَ جي سفارش تي ڪهڙي ... طرح عمل ڪيو ويو ته ان سان شهرين جا حق بريءَ طرح متاثر ٿيندا.

(1) ان سان هي اصول ثابت ٿيندو ته جرم ڪرڻ وارو فائدي ۾ رهندو آهي.

(2) ان سان ماڻهن کي هيءَ هُشي ملندي ته اهي قانون جي پابندي نه ڪن، ڇو ته قانون جي خلاف ورزي ڪرڻ کان پوءِ هي دليل ڏئي سگهجي ٿو ته اهو ڪم ته هاڻي ٿي چڪو آهي.

(3) ان سان غيرقانوني مسئلا ۽ پيچيدگيون پيدا ٿينديون. مثلاً مستقبل ۾ جيڪڏهن ٻيا ماڻهو اڏاوتي قانون جي خلاف ورزي ڪن ۽ انهن کي باقاعده Regular نه ڪيو ويو ته هيءَ دعويٰ ڪري سگهن ٿا ته انهن جي خلاف انتقامي ڪارروائي ٿي آهي يا انهن سان امتياز روا رکيو ويو آهي. ڊپارٽمينٽل طريقهءِ ڪار کي هڪ طرفي طور تي پنهنجي مرضيءَ سان نه ٿو بدلائي سگهجي ۽ اهو به قانون ٽوڙيندڙن جي سهوليت جي خاطر.

(4) ڪميٽيءَ اهو تسليم ڪيو ته ريگيولرائيزيشن جي لاءِ قانون جي شق 19 (1- الف) ۾ ترميم ڪرڻي پوندي. ان ڪري ڪميٽيءَ جي سفارش تي عمل ڪرڻ جي لاءِ قانون ۾ تبديليءَ جي ضرورت پوندي. اهڙي سفارش ڪري ڪميٽيءَ پنهنجي اختيار جي حدن کي اورانگهيو آهي. ڪميٽيءَ مان هيءَ توقع ڪئي وئي هئي ته اها موجوده قانونن جي دائري ۾ رهندي پنهنجون سفارشون ڪندي. ڪميٽي مان هيءَ توقع هرگز نه ڪئي وئي هئي ته اها چند بلڊرن کي فائدو پهچائڻ لاءِ قانون تبديل ڪرڻ جو مشورو ڏيندي. جيڪڏهن مقننه ڪميٽيءَ جي سفارش تي عمل ڪندي ته سخت نڪته چيني ٿيندي ۽ مڪر ۽ فريب جو الزام لڳندو.

## ڪميٽيءَ تي تبصرو

ڪميٽي نه صرف انهن بلڊرز جي حمايت ڪئي، جيڪي قانون ٽوڙين ٿا پر ان کان به هڪ قدم اڳتي وڌي انهن جي مڪمل حمايت ڪئي. ان سلسلي ۾ رپورٽ جو هيٺيون ٽڪرو شهرين جي لاءِ اشارو آهي.

”هي تجويز ڪيو وڃي ٿو ته

'شهري' خصوصي رپورٽ



# سنڌ جا منگهه

حيدرآباد ۽ اندرونِ سنڌ جي گهرن کي هوادار ۽ روشن رکڻ لاءِ 'منگهه' تعمير ڪيا وڃن ٿا. هي منفرد طريقو گذريل ٻن سؤ سالن کان وڏي ڪاميابيءَ سان رائج آهي.

ترقي يافته دنيا ۾ عمارتن ۽ رهائشي منصوبن ۾ توانائيءَ جي بچت لاءِ نت نوان طريقا استعمال ڪيا پيا وڃن. توانائي جي مؤثر ۽ باڪفايت استعمال لاءِ گهرن جا نت نوان ڊزائين متعارف ڪرايا پيا وڃن. ان جي ضرورت ان ڪري پيش آئي آهي ته اسان کي هيءُ احساس ٿي ويو آهي ته اسان پنهنجي توانائي جي محدود وسيلن کي تيزيءَ سان خرچ ڪري رهيا آهيون ۽ انهيءَ عمل سان اسان پنهنجي ماحول کي به آلوده ۽ گندو ڪري رهيا آهيون.

اسان جي خطي ۾ گذريل هڪ ٻه سؤ سالن کان گهرن کي هوادار ۽ روشن رکڻ جي لاءِ قدرتي هوا کي استعمال ڪرڻ جو هڪ منفرد طريقو وڏي ڪاميابيءَ سان هلندڙ آهي. حيدرآباد شهر ۽ اندرئين سنڌ ۾ گهرن کي هوادار بنائڻ ۽ روشن رکڻ لاءِ گهرن تي 'منگهه' تعمير ڪيا ويندا آهن. اهڙا 'منگهه' اڄ به پراڻن گهرن جي ڇتين تي ڏسي سگهجن ٿا.

'منگهه' جي تعمير هن ٽيڪنڪ تي ٿيندي هئي ته ڇت جي هڪ ڪنڊ جو تقريباً 3 × 3 چورس فوٽن جو حصو کليل ڇڏيو ويندو هو. ان جو اڌ حصو ديوار سان روڪيو ويندو هو. چورس شڪل جي سوراخ تي لوهه جي سيخن جو جار بنايو ويندو هو ته جيئن ڪا به وڏي شيءِ ڪمري ۾ نه ڪري. ان سوراخ جو ڍڪ انجيــن سان جڙيل هوند هو ته جيئن گهر ۾ رهندڙ ان کي ضرورت مطابق کولي ۽ بند ڪري سگهن. اندرئين سنڌ جي انهن علائقن ۾ جيئن ته هڪ هوائي سرنگهه موجود هوندي آهي، ان ڪري اهي 'منگهه' هوا کي ڇڪڻ ۽ ان کي هيٺ ڪمرن ۾ پهچائڻ جو مؤثر ذريعو ثابت ٿين ٿا. ايئر ڪنڊيشنر ۽ بجليءَ جي پکن جي دؤر کان پهريائين سنڌ جي شديد گرم موسم ۾ گرميءَ کان بچاءَ جو هي واحد طريقو هو.

هاڻي نون گهرن جي ٺاهڻ ۾ 'منگهن' جو استعمال وڏي حد تائين گهٽجي رهيو آهي، ڇو ته هاڻي گهرن ۾ جديد سهوليتون فراهم ڪيون وڃن ٿيون. حيدرآباد جي هڪ شهريءَ جو چوڻ آهي ته، "'منگهن' جي افاديت هاڻي ختم ٿي وئي آهي ۽ هاڻي اهي صرف ماضيءَ جا يادگار وڃي رهيا آهن." پر ان جو مقصد هرگز هي ڪونه آهي ته، 'منگهه' جديد ٽيڪنالوجي جي ترقيءَ جي ڪري بيڪار ٿي ويا آهن.

جيئن پهريائين ذڪر ڪيو ويو آهي ته ترقي يافته دنيا پنهنجيون ترجيحون تبديل ڪري رهي آهي ۽ توانائيءَ جي باڪفالت استعمال جي ماحول دوست طريقي کي اختيار ڪري رهي آهي، جنهن ۾ شمسي توانائي، هوائي توانائي ۽ سامونڊي لهرن جي توانائي شامل آهن.

پاڪستان جهڙو گهٽ ترقي يافته ملڪ، جيڪو توانائيءَ جي بحران جو شڪار آهي، اُتي خاص طور تي ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ اهڙن طريقن جي استعمال جي ايڊووڪيسي جي ضرورت آهي.

اسان کي اهڙين سرگرمين جي حوصله شڪني ڪرڻ بجاءِ حوصله افزائي ڪرڻ گهرجي ۽ ان جي فائدي جو شمار نه صرف مالي پر ماحول جي بچاءَ جي اعتبار کان به ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اسان جو ماحول اڳ ۾ ئي گهڻي ماحولياتي آلودگيءَ جو شڪار آهي.



روايتي منگهه

# بلوچستان هاءِ ڪورٽ جو تاريخي فيصلو

قاضي فائز عيسيٰ

ڪڏهن ڪڏهن ڪو اهڙو عدالتي فيصلو ٿيندو آهي، جنهن جو اثر ڪنهن شهر جي هر رهواسيءَ جي معيارِ زندگيءَ تي پوندو آهي ۽ جنهن سان شهرين جي زندگين کي تحفظ ملندو آهي. بلوچستان هاءِ ڪورٽ کي هي اعزاز حاصل آهي تہ هاڻي ئي انهيءَ هڪ تاريخي فيصلو ڏنو آهي.

ڊويزن بينچ جنهن بيگم سعيده قاضي عيسيٰ، قاضي عظمت عيسيٰ ۽ منهنجي طرف کان ڪوئيٽا ميونسپل ڪارپوريشن، ڪوئيٽا ڊيولپمينٽ اٿارٽي، حڪومت بلوچستان ۽ ٻين جي خلاف داخل ڪيل آئيني درخواست نمبر1995ع /125 تي پنهنجو تاريخ ساز فيصلو ڏنو آهي. اها عدالتي بينچ جسٽس اميرالملڪ مينگل ۽ جسٽس جاويد اقبال تي ٻڌل هئي.

هي بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ٿيندڙ پنهنجي نوعيت جو پهريون مقدمو هيو، جنهن ۾ سرڪار کان هي مطالبو ڪيو ويو هو تہ اها شهر ۾ عمارتن جي اڏاوت متعلق پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري. ان جو فيصلو ان اعتبار کان بہ اهم هيو ڇو تہ ان جو اطلاق نہ صرف ڪوئيٽا ۾ تعمير ٿيندڙ هر عمارت تي ٿئي ٿو، پر هر اهڙي عمارت تي بہ ٿئي ٿو، جيڪا آئينده تعمير ڪئي ويندي.

وادي ڪوئيٽا ان خطي ۾ واقع آهي، جڪو زلزلن جي لحاظ کان سرگرم آهي ۽ ماضيءَ ۾ اتي ڪيترائي تباه ڪن زلزلا اچي چڪا آهن، جن ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿي چڪو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ سخت زلزلي اچڻ جو امڪان آهي. (ڪوئيٽا ماسٽر پلان- ص-194) ڪوئيٽا شهر مثالي هنڌ تي واقع نہ آهي. زلزلن جو خطرو واديءَ مٿان هميشہ لامارا ڏيئي رهيو آهي. (ڪوئيٽا ماسٽر پلان صفحو-148)

مختلف ماهرن جي رپورٽن جي آڌار تي هي مؤقف اختيار ڪيو ويو هو، (جنهن جو ذڪر فيصلي ۾ بہ ڪيو ويو آهي) تہ، "ڪوئيٽا شهر جي توسيع افقي طرف ۾ ڪئي وڃي ۽ ان کي عمودي طور تي ترقي نہ ڏني وڃي. گهڻ ماڙ عمارتن جي اڏاوت مڪمل تباهي ۽ پوري آباديءَ جي بربادي‌ءَ جو سبب بڻجندي. بلڊرز جا ذاتي ۽ انفرادي فائدا لکين شهرين جي جاني تحفظ کان بعد ۾ هجڻ گهرجن."

ڪوئيٽا بلڊنگ ڪوڊ 1935ع جي زلزلي کان پوءِ مرتب ڪيو ويو هو، جنهن هن علائقي ۾ زبردست تباهي مچائي هئي ۽ جنهن ۾ تقريباً 60 هزار ماڻهو موت جو ڪاج بڻيا هئا. ڪوئيٽا وارو 1935ع جو زلزلو سڄي دنيا ۾ رڪارڊ ٿيندڙ زلزلن ۾ جاني نقصان جي اعتبار کان ٻارهين نمبر تي هو. پر ايڏو تباه ڪن هئڻ جي باوجود بہ اهو خطي ۾ اچڻ وارو اڪيلو زلزلو نہ هو.

تاريخي طور تي 1905ع ۾ رڪارڊ ٿيندڙ انگن اکرن مان بہ هي ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪوئيٽا کان 240 ڪلوميٽر جي قطر ۾ تمام شديد نوعيت جا زلزلا ايندا رهيا آهن. 1852ع ۽ 1935ع جي وچ ۾ بلوچستان ۾ پندرهن زلزلا آيا، جيڪي ايترا شديد هئا جو انهن جي ڪري عمارتن کي نقصان پهتو. ڪجھ تباهي آڻيندڙ زلزلن جو تعلق معلوم ٿيل سرگرم فالٽس سان هو. (ڪوئيٽا ماسٽر پلان صفحو 10)

فيلڊ جي مشاهدن ۽ 1935ع جي زلزلي جي تعلق سان هي ظاهر ٿئي ٿو تہ هتي هڪ سرگرم فالٽ موجود آهي، جيڪو وڏن زلزلن جو سبب بڻجي سگهي ٿو، جنهن ڪري ڪوئيٽا ۾ سنگين زلزن جو خطرو موجود آهي.
(ڪوئيٽا ماسٽر پلان صفحو نمبر- 11/10)

ڪوئيٽا بلڊنگ ڪوڊ 1935ع جي زلزلي کان پوءِ ناهيو ويو هو، جنهن جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 7.5 هئي. ان ڪوڊ جي نافذ ٿيڻ سان ڪوئيٽا جي شهرين جون ضرورتون تعريف ڪرڻ جي حد تائين پوريون ٿي رهيون هيون، ڇو تہ ڪوئيٽا ۾ وقت بوقت اچڻ وارن زلزلن ۾ ڪوبہ جاني نقصان نہ ٿيو، جيتوڻيڪ شدت جي اعتبار کان، انهن مان ڪوبہ زلزلو 1935ع جي زلزلي جي برابر نہ هو.

1935ع جي زلزلي جي نمايان يادگيري جي طور تي ٺيڪ 60 سالن کان پوءِ ٺيڪ ان ڏينهن يعني 31 مئي 1995ع جي ڏينهن هاءِ ڪورٽ ۾ ان ڪيس جي ڪچي پيشي هئي، جو ڪوئيٽا ۾ وري زلزلو آيو، پر خوشقسمتيءَ سان ڪوبہ جاني نقصان نہ ٿيو، ڇو تہ ان جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي صرف 5.2 هئي.

هيءَ درخواست داخل ڪرڻ جي ضرورت ان ڪري پيش آئي تہ، بلڊنگ ڪوڊ جي محافظن خود ان جي خلاف ورزي ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪئي هئي ۽ ڪوڊ جي لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا.

فروٽ ۽ سبزي مارڪيٽ جنهن کي ڪوئيٽا جا شهري سهوليت خاطر استعمال ڪري رهيا هئا، اتي ڪوئيٽا ميونسپل ڪارپوريشن گهڻ ماڙ شاپنگ ڪامپليڪس ٺهرائي ڇڏيو. بلڊرز، سياستدانن ۽ ڪوئيٽا ميونسپل ڪارپوريشن جي آفيسرن بدقسمت شهرين جي جانين جي قيمت تي پنهنجا هٿ رنگيا.

پر هاءِ ڪورٽ جي فيصلي ڪوئيٽا کي لٽڻ وارن ڦوڪڻ مان هوا ڪڍي ڇڏي آهي. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي ۾ چٽي طريقي سان چيو ويو آهي تہ واديءِ ڪوئيٽا ۽ ڪوئيٽا ميونسپل ڪارپوريشن جي علائقي ۾ عمارتن جي اڏاوت کي ريگيوليٽ ڪرڻ جي لاءِ بلڊنگ ڪوڊ اجا تائين لاڳو ٿيڻ جي قابل آهي ۽ ان جي فقرن جي سختيءَ سان پابندي ٿيڻ گهرجي.

بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي فيصلي تي حڪومت ۽ ان جي اهلڪارن کي سختي سان عمل ڪرڻ گهرجي. ڪنهن بہ ٻئي سبب جي ڪري نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ قانوني ۽ آئيني فرضن جي پورائي لاءِ ئي پر انهن کي عمل ڪرڻ گهرجي.



وادي ڪوئيٽا ان خطي ۾ واقع آهي، جڪو زلزلن جي لحاظ کان سرگرم آهي ۽ ماضيءَ ۾ اتي ڪيترائي تباه ڪن زلزلا اچي چڪا آهن، جن ۾ وڏو جاني ۽ مالي نقصان ٿي چڪو آهي ۽ مستقبل ۾ بہ سخت زلزلي اچڻ جو امڪان آهي.

خالد حسين

# سنڌي ۽ اڇي مک ڪپهه کي تباهه ڪري رهيون آهن

تنڌين تنڌين ڪيڙن ماڪوڙن جن ۾ عام طور تي استعمال ٿيندڙ دوائن جو اثر نہ قبول ڪرڻ جو رجحان پيدا ٿي ويو آهي، تن ملڪ کي هڪ ڏيڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ۽ ملڪ جي اقتصادي نظام لاءِ هڪ خطرو بڻجي چڪا آهن.

ماهرن جو خيال آهي تہ ان جو سڀ کان وڏو سبب ناقص ۽ غيرمعياري ٽيڪنالوجي آهي، جيڪا انهن دوائن ۾ استعمال ڪئي وڃي ٿي. ورلڊ ڪنزرويشن يونين (I.U.CN) پاڪستان جي ڊاڪٽر پرويز نعيم، ملٽي نيشنلز ۽ پروانشل ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڊپارٽمينٽن کي ان ڳالھ لاءِ مجرم ٺهرايو آهي تہ اهي آبادگارن کي غير ضروري جيت مار دوائون خريدڻ ۽ استعمال ڪرڻ جي غلط ترغيب ڏين ٿا. آبادگارن کي اٺندي ئي اسپري ڪرڻ جي هدايت ڪئي وڃي ٿي. ان کان پوءِ ملٽي نيشنلز جي مارڪيٽ جي واڌاري جي مهمن کي تقويت پهچائڻ جي لاءِ انهن کي شيڊيول اسپري تي مجبور ڪيو ٿو وڃي. پاڪستان ۾ جيت مار دوائن جي استعمال تي جيتري لاڳت اچي ٿي، اها ملڪ ۾ پوکي ويندڙ ڪپهه جي ڪل قيمت جو تقريباً 26 في سيڪڙو آهي. (گذريل 6 سالن ۾ هيءَ لاڳت 20 سيڪڙو هئي.)

## جيت مار دوائن جو بي اثر ٿيڻ،

ڪپهه جي سنڍي يا پنن جي وائرس ڪنهن بہ بيماري جي حملي کان وڌيڪ ويا آهي، جنهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ڪافي ڏکيو آهي. جيت مار دوائن جو بي اثر ٿيڻ ڪيترن ئي موقعار نقصانن جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

ان جي مطلب ڪنهن بہ سال ڪپهه جي فصل جي مڪمل ناڪامي ٿي سگهي ٿو. هي بحران ٽيڪسٽائيل صنعت جي تباهي جو سبب بہ بڻجي سگهي ٿو. جنهن سان اسٽاڪ مارڪيٽ بند ٿي سگهن ٿا ۽ گڏوگڏ بئنڪون بہ ڏيوالي جو شڪار ٿي سگهن ٿيون. جو تہ پوري ملڪ جون بئنڪون، اسٽاڪ مارڪيٽن جي ئي پئسي تي هلن ٿيون. ملڪ غيرملڪي قرضن موٽائي ڏيڻ جي اهل نہ رهندو. مطلب هي تہ اسين ڏيواليپڻي ۽ بک جو شڪار بڻجي ويندا سين.

## خاتمي جو آغاز

جيت مار دوائن جو بي اثر ٿي وڃڻ هڪ عالمي مظهر آهي. زرعي ماهر ان عمل کي عام طور تي 'جيت مار دوائن کي ڪچلڻ واري چڪي' جو نالو ڏين ٿا. ڪجھ جيت پنهنجي جسم ۾ اهڙا ڪيمائي عمل شروع ڪن ٿا، جيڪي انهن ۾ توليدي تبديلي برپا ڪرڻ جي صلاحيت مهيا ڪن ٿا. اهي ڪجھ اهڙا ڪيميائي جزا تخليق ڪن ٿا، جيڪي انهن جي جسم ۾ داخل ٿيڻ واري زرعي جيت مار دوا تي حملو ڪري ان کي بي اثر بڻائين ٿا. تنهن ڪري انهن کي مارڻ لاءِ اسان کي دوائن جي وڌيڪ خوراڪ ۽ مقدار جي ضرورت پوي ٿي.

1980ع جي شروعات ۾ پاڪستان ۾ ڪپهه تي حملو ڪندڙ هڪ خاص ڪيڙي تي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ وسيع رينج رکندڙ دوائن کي استعمال ڪرڻو پيو. تنهن ڪري ان ڪيڙي جي تعداد ۾ تہ گهٽتائي ٿي، پر 1980ع جي وچ ڌاري ڪپهه کي نقصان پهچائڻ واري هڪ سنڍيءَ جي آبادي ۾ ان حد تائين اضافو ٿي ويو جو ان کي ڪپهه جي فصل لاءِ هڪ وڏو خطرو تصور ڪيو ويو. ان سنڍيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ابتدائي موسمي اسپري ۾ واڌارو ڪيو ويو ۽ زياده طاقتور دوائون استعمال ڪيون ويون، جنهن سان ان کي ناس ڪرڻ ۾ تہ ڪا خاص ڪاميابي ڪانہ ٿي، پر ڪپهه تي حملو ڪندڙ اڇي مک جا قدرتي مخالف ختم ٿي ويا ۽ 92-1991ع تائين اڇي مک ڪپهه جي فصل لاءِ سڀ کان وڏو خطرو بڻجي سامهون آئي.

## موت جا ڪارخانا

سڄي دنيا ۾ جيت مار دوائن جي بي اثر ٿي وڃڻ جا اهڙا واقعا ظاهر ٿيا، جن موت جي صنعت کي بند ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو. مثال جي طور تي سوڊان ۾ جتي 1975ع کان 1981ع تائين جي عرصي ۾ ڪپهه تي اڇي مک جي حملي جي ڪري پيداوار ۾ 40 سيڪڙو گهٽتائي آئي ۽ جيت مار دوائن جي قيمتن ۾ 600 سيڪڙو واڌارو ٿيو. جيت مار دوائن جو بي اثر ٿيڻ ايترو ئي خطرناڪ آهي، جيترو فصلن جي تباهيءَ سان پيدا ٿيندڙ معاشي صدمو.

دوائن جي خلاف مزاحمت پيدا ڪرڻ وارا ڪيڙا/ جيت جلد ئي پنهنجو تسلط ڄمائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃن





# آواز جي گدلاڻ

اڄ کان ڪجھ عرصو پھريائين گدلاڻ جو تصور صرف هوا ۽ پاڻي تائين محدود هو. هاڻي تحقيق مان اها ڳالھ ثابت ٿي چڪي آهي تہ جيڪڏهن آواز جو درجو هڪ خاص حد کان وڌي وڃي تہ ان جا انساني صحت تي تمام خراب اثر پون ٿا.

موٽر گاڏين ۽ موٽر سائيڪلين ۾ هوا جي دٻاءَ سان هلندڙ هارن خراب سائلنسر ۽ صنعتن جون شور پيدا ڪندڙ مشينون، اهي سڀ ملي ڪري، آواز جي گدلاڻ ۾ اضافو ڪن ٿا. هوائي جهاز جو آواز نہ صرف پريشان ڪري ٿو، پر ان جون تيز لهرون عمارتن کي بہ نقصان رسائين ٿيون.

شور ڪري اعصابي نظام کي نقصان پهچي ٿو. ٻڌڻ جي حس متاثر ٿئي ٿي. سمهڻ ۾ تڪليف پيش اچي ٿي. مٿي جو سور ۽ ٻيون تڪليفون پڻ ٿين ٿيون.

## آواز جي گدلاڻ کي ڪيئن گھٽائجي

* هارن جو غير ضروري استعمال نہ ڪيو.
* موسيقي ٻڌڻ وقت آواز گھٽ رکو.
* پنھنجي گاڏين، رڪشن ۽ موٽر سائيڪلين جا سائلنسر ڪڍڻ بجاءِ سٺي حالت ۾ رکو.
* اهڙو قانون ٺھڻ گھرجي، جنھن سان شور پيدا ڪندڙ گاڏين کي روڊن تي اچڻ کان روڪي سگھجي. جيترقدر ٿي سگھي صنعتي مشينري جو آواز گھٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي.
* عام جاين مثلاً پبلڪ پارڪ، بازار وغيره ۾ اسان کي آواز گھٽ رکڻ گھرجي.
* وڏي ۽ بي سري آواز ۾ ڳائڻ کان پاسو ڪريو.
* دعوت ۾ شور گوڙ ڪرڻ کان پاسو ڪريو.
* رات جو ڊرل مشين سان سوراخ ڪڍڻ ۽ هٿوڙي هلائڻ کان پاسو ڪجي.

